راحة المؤمنين

مخدوم محمد هاشم ٹٹوي

ڈاڪٽر عبدالرسول قادري

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

www.maktabah.org

www.maktabah.org

راحة المؤمنين

مصنف

مخدوم محمد هاشم ٹٹوي

موجوده صورتخطي

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ.

2009ع

www.maktabah.org

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (135)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

راحة المؤمنين

مصنف: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

موجوده صورتخطي: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

ڇاپو: پهريون، جون 2009ع

تعداد: 500

قيمت: 120/= روپيا

Catalogue Reference
Makhdoom Muhammad Hashim Thattavi
Dr. Abdul Rasool Qadri
Rahat ul Muamneen
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-9098-30-7

Rahat ul Muamneen

By: Makhdoom Muhammad Hashim Thattavi
In present form: Dr. Abdul Rasool Qadri
Edition: First, June, 2009
Quantity: 500
Price: Rs. 120/=
Composed by: Asadullah Bhutto.
Title: M. Ramzan Turk
Printed by: Areeba Publications Karachi.
Published by: Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org

هيءَ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.maktabah.org

ناشر نوٽ

سنڌي ٻوليءَ جي ڪيتري آڳاٽي شاعري تعليمي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيل آهي. انهيءَ ۾ مذهبي تعليم ڏيڻ خاطر مختلف موضوع شامل آهن. اهڙي شاعريءَ کي موضوعاتي نالو ڏيڻ کان سواءِ ان جي جوڙيندڙ عالمن جي نالن پويان "سنڌيون" پڻ سڏيو ويو آهي. جيئن نماز جي مسئلن بابت لکيل "مقدمة الصلواة" کي ابوالحسن جي سنڌي" پڻ سڏيو ٿي ويو. ان کان سواءِ "مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي" ٻه هڪ اهم ڪتاب هو. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران اوائلي سنڌي ڪتابن کي محفوظ ڪرڻ جي خيال کان اهي ٻئي ڪتاب اڳ ۾ ڇپيل آهن. مخدوم ضياءُ الدين جو هڪ لائق شاگرد ۽ پنهنجي وقت جو وڏو عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هو، جنهن پڻ پنهنجن شاگردن لاءِ ڪيترائي ڪتاب مختلف ديني مسئلن بابت جوڙيا، جن ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي ڪتاب شامل آهن. هي ڪتاب "راحة المومنين" انهن مان هڪ آهي.

اٿارٽيءَ پاران هن قسم جي رٿا جو هڪڙو مقصد اهو آهي ته سنڌ جو هي جهونو سرمايو محفوظ ٿئي پر ٻيو اهم مقصد ان دور جي سنڌيءَ جو اصل نمونو پيش ڪرڻ ٻه آهي جنهن ۾ ٻولي ۽ لکت ٻئي شامل آهن. ان سان ٻوليءَ توڙي ان جي صورتخطيءَ جي اوسر ۽ ارتقاء جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان مقصد لاءِ هن ڪتاب کي جديد صورتخطيءَ ۾ آڻڻ سان گڏ قديم صورتخطيءَ جو فوٽو ٻه شامل ڪيو ويو آهي. اميد ته انهيءَ کيتر تحقيق ڪندڙن کي هن مان گهڻي رهنمائي ٿيندي.

ڊاڪٽر فهميده حسين

www.maktabah.org

پيش لفظ

سنڌ ۾ ننگر ٺٽي جي مخدومن سڳورن "ٻارن لاءِ مادري ٻوليءَ ذريعي تعليم ڏيڻ" جو اصول قائم ڪري، منظوم سنڌيءَ ۾ ديني ادب جا بنيادي ڪتاب لکيا، جيڪي ان وقت مدرسن ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي اعليٰ تعليم کان اڳ ۾ بنيادي طور پڙهايا ويندا هئا. سنڌي ادب جي "سونهري دور" جي حوالي سان ڪلهوڙن جي زماني ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ ان سلسلي کي گهٽو وڌايو ۽ منظوم سنڌيءَ ۾ ويهارو ڪتاب لکيا، جن مان تفسير هاشمي، زاد الفقير، بناءُ الاسلام، قوت العاشقين ۽ راحة المؤمنين سنڌي گهٽا مشهور آهن. انهن جهونن ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ذخيرو سمايل آهي.

سردست مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي منظوم سنڌي ڪتاب "راحة المؤمنين" (1130 هجري/ 1718ع) کي جديد سليس صورت ۾ آندو ويو آهي. جيتوڻيڪ هن ڪتاب ۾ ديني سلسلي ۾ ذبح ۽ شڪار جي حلال ۽ حرام هجڻ بابت مسئلا بيان ٿيل آهن، پر هن ڪتاب ۾ ان وقت هلندڙ نج سنڌي لغت ۽ لفظن جو وڏو ذخيرو موجود آهي.

عربي فارسي اوکي گهڻي، متي ابوجهن،
سنڌي ڪيم سولي، ڪڍي ڪارڻ تن،
تہ مانَ نفعو عام ٿئي، ڪارڻ مؤمنن،
گهڻو سکڻ سولو ٿئي، ڪارڻ نو آموزن.

(مخدوم ٺٽوي)

اميد تہ سليس سنڌيءَ ۾ آندل ڪتاب "راحة المؤمنين" جي اشاعت سان سنڌي ديني ادب ۾ واڌارو ٿيندو، ان ڪري "مقدمي" ۾ مواد بابت وڌيڪ، قديم سنڌي لفظن جي صورتخطي ۽ پڙهڻي ۽ جهونن سنڌي لفظن جي معنيٰ جا جهجها مثال بہ ڏنا ويا آهن، تہ جيئن مخدوم ٺٽويءَ جي هن آڳاٽي ڪتاب "راحة المؤمنين" کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ جديد خزاني ۾ پڻ اضافو ٿئي.

تڏهن سنڌي ڪيم سهڪي، ڪڍي عربيا،
تہ پڙهيسِ مؤمن سي ڪو، سکي مسئلا.

(مخدوم ٺٽوي)

عبدالرسول قادري
ڊڙي مگسي، سکرنڊ

19 اپريل 2009ع
سکرنڊ- نوابشاهه

www.maktabah.org

مقدمو

بسم الله الرحمن الرحيم

الصلواة والسّلام عليک يا رحمة للعالمين

ساراهجي سچو ڏٽي، جو رازق ۽ رحمان،
جو سڀاجهو سيين پَرين، صاحب ۽ سبحان.

....

شال رسن راتو ڏينهن ۾، مٿي محمد جام،
جنهن اياريو اسلام کي، قائم سيئي قيام.

(مخدوم محمد هاشم ٺٽوي)

جيتوٽيک موجوده وقت ۾ جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾، تعليمي ماهرن تحقيق سان ثابت کيو آهي تہ: "مادري ٻوليءَ ذريعي تعليم ٻار جو بنيادي حق آهي." سنڌ جي تعليمي تاريخ شاهد آهي تہ، 11 ۽ 12 صدي هجري/ 17 ۽ 18 صدي عيسويءَ ۾ سنڌ جي گهٽگهرن عالمن، استادن فارسيءَ ۽ عربيءَ جي جاءِ تي مادري زبان سنڌي ٻوليءَ ذريعي بنيادي تعليم جي شروعات ڪئي. ان اصول جي اهميت اڄ تائين مڃيل پئي رهي آهي.

ان ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جا 39 اوائلي منظوميا، 11 صدي هجري/ 17 صدي عيسوي يا ان کان ٻہ اڳ جا لکيل دستياب ٿيا آهن، جيکي ڪاتب عزت پٹ سليمان 1067 - 1069 هجري مطابق 1657ع- 1659ع وارن سالن ۾ اُتاري جمع کيا.

سنڌي ٻوليءَ جي هن آڪاڻي ذخيري کان پوءِ ميين ابوالحسن ٺٽويءَ نماز جي مسئلن بابت "مقدمة الصلواة" منظوم سنڌي، 11 صدي هجري/ 17 صدي عيسويءَ جي آخر يا 12 صدي هجري / 18 صدي عيسوي جي ابتدا ۾ هڪ ڪتاب لکيو، جيڪو مدرسن ۾ طالب علمن کي مادري ٻوليءَ جي سلسلي ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو وڃڻ لڳو.

ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم ضياءُ الدين انهيءَ طرز تي نماز جي وڌيڪ مسئلن بابت منظوم سنڌيءَ ۾ ٻہ ڪتاب جوڙيو، جيڪو "مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌيءَ" جي نالي مشهور ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ جي هن سلسلي کي وڌائيندي، ٺٽي جي مشهور عالم، قاضي، مصنف ۽ استاد مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ "مقدمة الصلواة" جي فارسي، سنڌي اصلاح سان گڏ مختلف موضوعن تي خاص سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ويهہ ڪتاب لکيا، جيڪو ان ڪلهوڙا دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ۽ ديني ادب جي حوالي سان شاهڪار ڪارنامو آهي. مخدوم ٺٽويءَ جي انهن منظوم سنڌي ڪتابن جي الف- ب وار لسٹ هيءَ آهي: آداب النڪاح، اصلاح مقدمة

www.maktabah.org

الصلواة، بناءُ الاسلام، تحفة التائبين، تفسير هاشمي، سايه نامه، دعائن بابت رسالو، راحة المؤمنين، رساله سراجيه، رساله افضل كيفيات الصلواة، رساله في موعظة ما يتعلق باحوال القبر و ما بعده، زاد الفقير، سنڌي مسائل ذبح شكار، صلواة سڳوري بابت رسالو، عقائد الاسلام، فرائض الاسلام، قوت العاشقين، مختصر ترجمو دعائين، مدح سنڌ ۽ نصيحت نامو. (1)

جيتوٽيڪ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ فارسي ۽ عربيءَ ۾ تحريرون ۽ ڪتاب نظم، نثر ۾ ٽن سَوَن کان وڌيڪ لکيا، پر خاص نج سنڌيءَ ۾ ويهه ڪتاب لکي، ديني ادب سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو. ان وقت عالمن استادن جو اهوئي نظريو هو ته، جيتوٽيڪ فارسي ۽ عربي علمي ٻوليون آهن، انهن ۾ هر فن جو وڏو ذخيرو لکيل موجود آهي، پر:

"عربي فارسي اوکي گهٽي، مٽي اٻوجهن،
سنڌي ڪيم سولي، ڪيي کارڙ تن،
ته مانَ نفعو عام ٿئي، کارڙ مؤمنن،
گهٽو سکڙ سولو ٿئي، کارڙ نو آموزن.

(مخدوم محمد هاشم ٺٽوي)

هن مان ظاهر آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي شاندار عمارت جي پيڙهه جو پٿر يا ابتدائي سِرون ڪاتب، عزت پٽ سليمان جي 39 سنظومين، مبين ابوالحسن ٺٽويءَ ۽ مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويءَ رکيون، پر مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ، سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽيءَ تعمير ۾ ڪامون، ڪايا، پجر ۽ پٽيون وجهي چت جوڙي، سينگاري سنواري شاندار عمارت مڪمل ڪئي.

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ وقت بوقت سنڌ جي عالمن استادن پرخلوص علمي ۽ قلمي ڪوششون پئي ڪيون آهن ۽ اهو سلسلو اڄا تائين هليو ٿو اچي. هينئر سنڌي ٻوليءَ جو بلند بالا تناور وڻ اُونهين پاڙن، ٿڙ، ڏارن، ٽارين، شاخن گوشن، گلن ڦلن ۽ ميون سان مائيدار ٿيو بيٺو آهي.

راحة المؤمنين: مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ پنهنجي وقت ۾ اڪثر ضروري مسئلن ۽ پڇيل سوالن بابت ڪتاب ۽ رسالا لکيا ۽ وقت سر انهن ضرورتن تي ڏيان ڏئي قلم کنيو. جيتوٽيڪ سنڌ جا اڪثر ماڻهو زراعت پيشه آهن، پر ذبح ۽ شڪار جي حوالي سان سنڌ ۾ شڪاري جانورن ۽ پکين جي گهٽائي هئي. درياهه جي گهٽي پاڻيءَ ۽ ڏينڏين ڏورن جي ڪري مڇي به جام هئي.

هيءُ ڪتاب سنڌي نظم ۾ "ذبح ۽ شڪار" جي مسئلن بابت لکيل آهي. جانور کي حلال ۽ ذبح ڪرڻ ۽ شڪار ڪرڻ جي باري ۾ ڪوبه اهم ۽ ضروري مسئلو ڪونهي، جيڪو

(1) ڈاڪٽر الهه رکيو ٻُٽ: "سنڌ ۾ ڇاپخاني کان اڳ سنڌي قلمي ڪتابن جو مختصر جائزو" (مقالو) ٽ ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، جولاءِ_ سيپٽمبر 2008ع، صفحو 33-41.

www.maktabah.org

هن ڪتاب ۾ آيل نہ هجي. مخدوم نٿويءَ هن ڪتاب ۾ ذبح شڪار، حلال ۽ حرام جانورن، پکين ۽ مڇيءَ بابت اهڙي وضاحت لکي آهي، تہ جيئن اهل سنڌ ٻهراڙيءَ جي رهاڪن، جهنگ جهر جي باشندن، توڙي درياهہ، ڏنڊن ڏورن جي آسپاس رهندڙ ماڻهن کي ذبح شڪار ۽ حلال حرام بابت پوري ڄاڻ ملي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ مسئلا سمجهي ۽ عمل ڪري سگهن.

راقم جي لائبريريءَ ۾ "راحة المؤمنين" جا مختلف قلمي عڪسي ۽ ڇپيل پنج ڇاپا موجود آهن:

1. سال 1312 هجري/ 95- 1894ع جو ڇاپو، جيڪو مولوي محمد عثمان پراٹي سنڌي ۾ مجتبائي پريس لاهور ۾ ڪتاب "زادالفقير" منڊ ۾، وچ ۾ "راحة المؤمنين" ۽ آخر ۾ "مطلوب المؤمنين" سان گڏ ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ راحة المومنين 56 صفحا آهي. صفحي جي ڊيگهہ نو انچ ۽ ويڪر ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 12 لفظ آهن.
2. قلمي نسخي جو فوٽو اسٽيٽ عڪس. هن قلمي نسخي ۾ 51 صفحا آهن. ڪاتب گل محمد پٽ علي محمد کهاوڙ وينل وارهہ ۽ ڪتابت جي تاريخ 28 شوال 1317ع هـ/ 1 مارچ 1900ع آهي. هي عڪسي قلمي نسخو مڪتبہ قاسميہ ڪنڊياري مان دستياب ٿيو آهي.
3. ڪتاب الصيد والذبائح ذبح ۽ شڪار. عبدالڪريم انصاري سنڌي نثر ۾ اضافن سان آڻي سڪر مان شايع ڪيو.
4. ساڳئي نالي سان نثري ڇاپي کي مولوي عبدالحميد پٽيءَ ٿوريءَ ڦيرگهير سان محموديہ پريس سڪر مان ڇپرايو.
5. ذبح ۽ شڪار. نٿي جي بزرگ محمد اسماعيل ڪنيار ترميم سان نثر ۾ آڻي، حاجي عبدالحسين وينجهر جي تعاون سان ڪراچيءَ مان شايع ڪيو.

مواد جو ووچور:

مخدوم نٿويءَ هيءُ رسالو انهيءَ ڪري لکيو، تہ جيئن مسلمان حلال ۽ حرام شين جو فرق پروڙين ۽ حلال شين جو صحيح استعمال ڪن. شريعت جي مقرر ڪيل طور طريقي تي حلال شين کي ڪم آڻين ۽ حرام کان بچن. مخدوم نٿوي پنهنجي هن ڪتاب جي تمهيد ۾ لکي ٿو:

"هينڌڙي منجهہ حقير جي، اچي وهم پيو،
ماڻهو مسئلا ذبح ۽ شڪار جا، پچن گهٽيرو،
ڪي لکجي تن منجهان، گهٽو جي ٿورو".

مخدوم نٿويءَ اهو بہ ڄاتو ٿي تہ:

"عربي آهي اهڪي، ابوجهن اپار"

www.maktabah.org

انهيءَ ڳالهه جو ڪيس بخوبي احساس هو، تنهنڪري هي ضروري مسئلا سنڌيءَ ۾ آندائين.

ڪتاب "راحة المؤمنين" (مؤمنن جي آسودگي ۽ فرحت) ۾ جانور کي ذبح ڪرڻ جا سڀ مسئلا، حلال ۽ حرام جانور، پکي ۽ مڇيءَ جي بيان سان گڏ شڪار بابت حلال جانورن ۽ پکين جو بيان به تمام تحقيقي پيرائي ۾ آندو ويو آهي. ڪتاب ۾ ٻه باب آهن: پهريون ذبح جي باري ۾ ۽ ٻيو شڪار جي باري ۾.

باب پهريون:

ذبح جي شروعات ۾ آهي ته حلال جانور کي ڪهڻ ۽ حلال ڪرڻ جي باري ۾ جانور ڪهندڙ کان قيامت ۾ عذاب يا پڇاڙو نه ٿيندو. مخدوم نٽويءَ ان باري ۾ قرآن شريف ۽ حديث نبويءَ مان دليل ڏيندي لکي ٿو:

"ڄاڻڻ گهرجي ته شريعت محمديءَ مطابق حلال جانور کي ڪُهڻ جائز آهي. جيئن خود الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: "خَلَقَ لَكُم مَا فِي الأَرضِ جَمِيعاً (سورة البقره، رکوع 3، آيت 29) يعني 'جو ڪجهه زمين ۾ آهي، سو سڀ اوهان لاءِ پيدا ڪيو'.

نبي پاڪ ﷺ جن پاڻ حج جي موقعي يا عيد قرباني جي ڏينهن ۾ جانورن جي قرباني ڪئي آهي. البت ضرورت کان سواءِ يا رونشي خاطر جانور کي نه ڪُهڻ گهرجي ۽ ايئن ڪرڻ مڪروه آهي."

ذبح ڇاڪي ڇئجي؟ جانور ڪهڻ جي طريقه ڪار جي وضاحت هن ريت آيل آهي. ذبح جا به قسم آهن. هڪ ذبح اختياري ۽ ٻيو ذبح ضرورت.

"**ذبح اختياري**" جي معنيٰ آهي حلال جانور کي پنهنجي وس يا مرضيءَ مطابق ڪُهڻ. اهو تڏهن جائز آهي، جڏهن حلال جانور کي ذبح ڪرڻ وارو شخص الله پاڪ جو نالو وٺي ذبح ڪري يعني "بسم الله الله اكبر" ڇئي ذبح ڪري. جانور جو مُنهن قبلي طرف رکڻ گهرجي. ذبح ڪرڻ وقت ڪاتي يا ڇُري تمام تکي ڪري پوءِ ذبح ڪري. جانور جي نڙيءَ جون چارئي رڳون ڪپجي وڃن.

"**ذبح اختياريءَ**" کان پوءِ "**ذبح ضرورت**" جو بيان آهي. "ذبح ضرورت" اهڙي قسم جي ذبح جو نالو آهي، جو جيڪڏهن ڪهندڙ شخص جانور تي قادر ٿي نه ٿو سگهي، ته پوءِ بسم الله ڇئي، ڪنهن تکي اوزار سان جانور کي اهڙو زخم ڪرڻ گهرجي، جنهن سان جانور مان رت وهي نڪري. "ذبح ضرورت" جا ڇهه قسم آهن.

ذبح ضرورت کان پوءِ حلال ۽ حرام جانورن جو بيان آهي. زمين تي جانور ٽن قسمن جا پيدا ٿيل آهن: (الف) چوپايا جانور (ب) پکي (ج) زمين تي سُرندڙ جيت.

www.maktabah.org

ان بعد مخدوم نٽوئ اهو بحث ڪيو آهي تہ، ڪهڙا جانور يا پکي حلال يا حرام يا مڪروهہ آهن. اهڙي ريت مڇي يا پاڻيءَ ۾ رهندڙ ٻين جانورن ۽ مڪڙن جو بيان ٻہ آندو آهي. آخر ۾ انهن ڏهن جانورن جو ذڪر آهي، جن جو گوشت حضور پرنور نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن کاڏو آهي. اهي جانور هي آهن:

"ڏهہ وهٽ لکيائون اهڙا، صحي سي سڏجن،
"اُٺ"، "ٻکري" ۽ "ڏڳي"، چوٽون "سهو" چون،
پنجين "ڪُڪڙ"، ڇهون "تغدري" چو منجهان پکيئڙن،
ستون گوشت "گورخر" جو، انون سندو "ميڇين"،
ڪن ڪن ڪتابن ۾، پچار هي آهي
تہ کاڏو گوشت "سرخاب" جو، پڻ سيد سونهاري،
"مڪڙن" جي ماهہ ۾، پڻ روايت آهي،
پورا ڏهہ حيوان ٿيا، ان روايت ڪري."

باب ٻيو:

شڪار جي باري ۾ آهي. شڪار مسلمان مؤمنن جي لاءِ شريعت ۾ روا ۽ جائز آهي. مخدوم نٽوئ وضاحت ڪندي لکيو آهي:

"لکن ڪتابن ۾، نِرتي ايءَ پچار،
تہ آهي درست مؤمنن کي، ڪرڻ سندو شڪار،
"واذا حللتم فاصطادوا"، فرمايو جبار،
موڪل ڏني، تنهن جي، محمّد مختار،
پر ڪيو شڪار پاڻ نہ ڪڏهن، سرور سڀ جمار،
مگر اِذنُ ڏنائون اُن جو، ڪي صحي صحابن،
تيلاه مباح ٿيو، منجهہ مڙن مذهبن،
پر قصد قوت حلال جو، ور شڪاري ڪن،
ڪ ڪري نيت ڪنهن نفعي جي، وڃي شڪار وڻن،
جي نيت ڪيائين راند جي تہ ڪراهت ڪهن."

شڪار جا ٻہ قسم آهن: هڪ شڪاري جانورن سان ۽ ٻيو تيز تکن اوزارن سان. ذبح وانگر شڪار جا ٻہ چوڏهن شرط بيان ڪيا ويا آهن.

خاص سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي صورت ۽ لکت:

ڪتاب "راحة المؤمنين" جي اندروني مطالعي مان مخدوم نٽوئ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ ڪلهوڙا دور جي سنڌي صورتخطيءَ جون ڪي خاص صورتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون،

www.maktabah.org

جن جو هينئر رواج ڪونهي. مثال طور قديم ۽ جديد لفظن جي تحرير ۽ نمونو هي آهي:

قديم	جديد	قديم	جديد
اڳاڙو	آڳاڻو	انه	انهي
ٻگي	آگي	بُڇا	ٻڇڙا
اَبوجَن	ابوجهن	بَارَهُ	بارهون (12)
اُپيَارو	اپاريو	بِن	بنهي
اَناً	انون (اٽن)	پَاهِجو	پنهنجو
اَنجا	اجا	پَرِ	پَرين
اِڪَارَهُ	يارهون (11)	پَرُور	پروڙ
پَڑِياءِ	پڙهيائين	رَحمَتُ	رحمتون
پَنجاً	پنجون (5) پنجن	رکه	رڳون
پوءِ	پوي	سَاءِ	سو (100)
پوي	پوئين	سَائِي	سائين
		سِ	سين
پَگاڙَ	بگهڙ	سَباجو	سباجهو
پِهرو	پهريون (1)	سَتاً	ستون (7) ستن
ٽِرو	ٽيون (3)	سِکو	سگهو
تکِي	تکيون	سَندِي	سندي
ٽُن	تون	سُوءَاِن	سانهه
تَيرَهُ	تيرهون (13)	سُوفَ	صوف
تِه	تنهن	کَتِي	ڪتيون
تِيه	تيئن	کَرِيندَهِ	ڪندي
جَجو	جهجهو	کِهِ	ڪنهن
جَلَڙ	جهلڙ	کُهن	ڪهڙ
جنگ	جهنگ	کَيُ	ڪيون
جِه	جيڪڏهن	کاءُ	گهاءُ
چنگه	چگّائي	کِرَن	ڪڙن
چَندبر	چندڙ	کنيو	ڳٽيون
چَڙَنُ	چڙهڙ	کِيڙ	کائڙ

www.maktabah.org

چوٽو	چوٽون (4)	گر	گهر
چَوڏَهُ	چوڏهون (14)	گنڊ	ڳنڊ
چَهُ	چهون (6)	گني	گهٽي
چِيُ چِيُ	چيهون چيهون	گٽي	ڳٽيون
		لُه	لوهه
دَرگي	ڊگهي	مَاڙُو	ماڙهو
دور	ڊور	مِڙن	مڙني
ڏُونه	ڏانهن	مَنجَا	منجها
ڏَهُ	ڏهون (10)	مُوُ	مئو
ڏِيهه	ڏينهن	ميري	ميڙي
رَسَاڻِي	رسائي	مُنِي	مُڏي
نَجَلِيَاءِ س	نه جهليائينس	نِگئو	نڪتو
نوءٌ	نائون (9)	وَاهِيَاءِ	وهايائين
وِؤ	ويو	وَهَندَه	ويندي
هِي ءِ	هِينئين	هَيَاءِ	هنيائين
ئِن	اِن	ئِي	اِي

سنڌي صورتخطيءَ جي اوسر ۾ مخدوم نٽويءَ جي آڳاٽي ڪتاب "راحة المؤمنين" جي متين تحريري صورت هڪ خاص اهميت رکي ٿي. جهوني ۽ جديد صورتخطيءَ ۾ آيل لفظن پروڙڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ اهميت ظاهر ٿئي ٿي ۽ لفظن جي متاستا جو انوکو نمونو سامهون اچي ٿو.

لطيفي رنگ:

مخدوم محمد هاشم ۽ شاهه پٽائيءَ جو ساڳيو دور آهي. شاهه لطيف وانگر حضرت مخدوم نٽويءَ به هن جهوني ڪتاب "راحة المؤمنين" سنڌيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا سهٽا اصطلاح محاورا ۽ وٽندڙ لفظ گهٽا آندا آهن، پڻ نظم ۾ تجنيس حرفيءَ جا سهٽا مثال، لفظي ۽ معنوي خوبيون، لفظ ۽ صنعتون عام جام سمايل آهن. "راحةالمؤمنين" جون هيٺيون سٽون ان ڏس ۾ سهٽو مثال آهن:

- ٿئي تسليم تن کي، اندر جن اُکير.
- مِهر ڪر مون ڏٽي ٻاجهه ساڻ ٻُڏن.
- بخشي بوڇ ٻُجهائيون، ڏوهڙا ڏوهارين.
- مون جيئن مَنائين جا، پاندا پريا جن.

www.maktabah.org

- ڪرم تنهن جو ڪثير ٿيو، اي صاحب سندا سين.
- ڪرم ڪري ڪريم ڏٽي، مانَ ڪمينن ساڻ.
- ميٽي مَٽايون مَٽن جون، مانَ پلن برڪَتا.
- جِت ميڙو ٿيندو مؤمنين، لکين لک مِڙندا.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي هن خالص ديني ڪتاب ۾ ٻه شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻولي ۽ رهاڻ سمايل آهي. مثال:

- سائينءِ
- منجهان سڪ سرير
- پائي ڪانُ ڪمانِ ۾
- اندر جن اُڪيرَ
- ٿئي تسليم تن ڪي
- صاحب سندا سين
- واٽ لهن وِلها
- ميٽي مَٽايون مَٽن جون
- چڏي ويم چپرين.

سنڌي ٻوليءَ جي آڪاڻن لفظن جو خزانو:

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي هن ڪتاب "راحة المؤمنين" منظوم سنڌيءَ ۾ ان دور جا لفظ گهڻا استعمال ٿيل آهن، جيڪي گهڻو ڪري هن وقت لکت ۾ استعمال ڪونہ ٿا ٿين، پر اهي لفظ ان دور جا نج سنڌي لفظ آهن. مٿي انهن انوکن لفظن جي پڙهڻي قديم ۽ جديد ڏني وئي آهي. انهن ٻيٺ سنڌي لفظن جي معنيٰ پروڙڻ ۾ ضروري آهي. ڪتاب ۾ انهن سيني لفظن جي معنيٰ جي الف_ ب وار پٽي ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪئي وئي آهي. نموني طور اهڙا ڪِڇ لفظ هيٺ معنيٰ سميت لکجن ٿا، تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي لکت ۽ اوسر جي پروڙ پئجي سگهي.

لفظ	معنيٰ	لفظ	معنيٰ
اُبهان	چُٽان	پَهس	اوچتو، امالڪ
اُٿري	ٽڙڪي	پَهن	ٻڪرين
اَنگڙا	عُضوا	پوتارو	بتال، بدحواس
اَيهار	نمونو، مهاندو	ترت	سُرت، سمجهه
بَيدي	سُڄ، برپٽ	تڪ	ڪِيت، وڏو ڏڪ
ٻَه	گهڻو	ٽول	شيءِ، ڪالهه

www.maktabah.org

پُوت	حصو، پتي	ٿوڪ	شيءِ
جِيٽو	ساڃو	ڇيرو	باهه
چَارن	چانورن	چَٽ	ڦڙو
ڏاڻو	ڪاپو	رَهڪ	رهائش
زَبُون	حرام	سَائينمِ	منهنجا سائين
سِڙانُ	سخت، ڏاڍو	سِڄُ	سڄ
سُنت وينو	اڻ طهريل	سَنهي ٽُلهي	پيشاب پاخانو
سِيار	گدڙ	ڦُٽي ڦُٽي	ڦُٽڪي ڦُٽڪي
ڪَٽِ	ڪجهه، ذرو	ڪَوڏ	هيڄ، شوق
گرڪ	رڳ	ڪُوهر	ڪوهه
مَاه	گوشت	مَرِي وارو	مرگهي وارو
مُنِي	مُڏي	مَهدا	اڇيان، سامهون
مَهو	مڇر	نِبار	نڄ، خالص
نِگيو	نڪتو	وانڍا	ٽڪرا، ياڳا
وَائِي	ٻولي	وِترو	وڌيڪ
وَرن	رنگ	وِلهَا	ٿلها، سُڄا، سڪڻا
هَڏهين	هرگز، مورهين	هُوند	جيڪر
هَيج	شوق، چاهه	هيڪاندو	گڏ ٽيو
هِينئو	دل		

نظم جو نمونو:

مخدوم نٽويءَ جي ٻين منظوم سنڌي ڪتابن وانگر "راحة المؤمنين" ۾ پراڻي سنڌي نظم ۾ آهي. سندس نظم جي اهميت هنن ادبي حوالن مان ظاهر ٿئي ٿي.

"راحة المؤمنين وارو نظم بناوت، ميناڄ ۽ نزاڪت ۾ هوبهو (مخدوم صاحب جي ڪتاب) "زاد الفقير" جهڙو آهي. هن ۾ به ڪي ڏوهيڙا ٻن مصرعن وارا ۽ ڪي ٽن مصرعن وارا آهن ۽ ڪي وڌيڪ مصرعن وارا آهن. قافيه جي پختگي ۽ صنعتن جو سينگار به اهڙوئي رکيل آهي". (1)

"هن رسالي جو نظم سهڻو، پختو ۽ وٽندڙ آهي. مخدوم محمد هاشم جو هيءُ ادبي ڪارنامو ڪلهوڙن جي دور ۾ لکيل "سنڌين" ۾ خاص اهميت وارو آهي. (2)

(1) محمد صديق ميمڻ، خانبهادر "سنڌ جي ادبي تاريخ" آر- ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد، 1967ع، ڇاپو نائون، جلد_1، صفحو 88.
(2) عبدالجبار جوٽيجو، "سنڌيون" اداره سنڌيات، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، سنڌ، 1970ع، صفحو 64، 65.

www.maktabah.org

"هن ڪتاب جو مقصد واضح ڪرڻ لاءِ مخدوم صاحب پنهنجا دليل نهايت وزنائتا ڏنا آهن. نظر بہ نهايت وٽندڙ پختو آهي. بن بن يا ٽن ٽن مصرعن تي قافيا بدلائيندو ويو آهي." (1)

ڪتاب جو نالو:

مخدوم نٽويءَ ڪتاب جو نالو هن ريت آندو آهي:

ڪارڻ اهل دين جي هي لکيم رسالو
"راحة المؤمنين" سنڌي رکيم تنهن نالو.

تصنيف جو سال:

تنهن ڏينهن تمام ٿيو هي ناقص جو نسخو ورهن سندو هجرت جي مون تنهن ڏينهن حساب ڪيو تان اڪاره سو ٽيهه ورهه ٿيا، منجهس ڦير نہ ڪو

1130 هجري

مصنف جو نالو:

هادي ڪر "هاشم" ڪي مؤمنن منجها
مرهي پنهنجي مهر سين ڏوهه ڏوهاري جا

حوالي وارا ڪتاب:

مخدوم نٽويءَ هن ننڍي ڪتاب "راحة المؤمنين" ۾ قرآن مجيد سان گڏ عربي ۽ فارسي جي پنجويهن (25) وڏن ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن ۽ هر ڳالهہ دليل سان پيش ڪئي آهي. حوالي طور آيل ڪتابن جا الف- ب وار نالا هي آهن:

• تبيين • تلقيح • جوامع الفقه • حياة الحيوان • خزانة الاكمل • خزانة المفتين • خلاصه الفقه • شرح تحفة الملوك • شرح تكمله رازي • عنايه • عيني • غاية البيان • فتاويٰ تاتارخاني • فتاويٰ سراجي • فتاويٰ ظهيري • فتاويٰ قاضي خان • قرآن مجيد • قنيه • كافي • كفايه • محيط • مسعودي • مكسين • مطلوب المؤمنين • هدايه

راحة المؤمنين جي فقهي اهميت:

مخدوم نٽويءَ جي هن ڪتاب "راحة المؤمنين" جي بوليءَ ۽ فقهي حوالي سان وڏي اهميت آهي. سنڌ جي عالمن ۽ اديبن هن ڪتاب جي عظمت هن ريت بيان ڪئي آهي:

"بندوق جو استعمال ماضي قريب ۾ آيو آهي. ان کان اڳ ۾ ماڻهو جانورن ۽ پکين جو شڪار ڪُتن، بازن ۽ بين جانورن جي مدد سان ڪندا هئا. مخدوم صاحب عام ماڻهن جي اڻ ڄاڻائيءَ جو احساس رکندي، ذبح ۽ شڪار متعلق شرعي مسائل تي هڪ خاص منظوم ڪتاب سنڌيءَ ۾ 1130 هجريءَ ۾ جوڙي تيار ڪيو؛ جنهن ۾ ذبح ۽ شڪار جي نسبت انهن سيني شرعي مسئلن جو احاطو ڪيو اٿس؛

(1) ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو، "سنڌي ادب جي تاريخ" سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2004ع، جلد-1، صفحو 231.

www.maktabah.org

جن جي مڪمل تعميل کان سواءِ حلال جانور جو گوشت نہ مسلمان لاءِ جائز ٿيندو ۽ نہ وري حلال جانور يا پکي شڪار ڪرڻ کان پوءِ درست ٿي سگھندو... ڪتاب جي غائر مطالعي کان پوءِ چئي سگھجي ٿو، تہ اسان جي مصنف هن ڪتاب جي جوڙڻ ۾ نهايت جفاڪشيءَ کان ڪم ورتو آهي. ذبح ۽ شڪار متعلق سڀني شرعي احڪامن کي يڪجا ڪيو آهي ۽ سڀني مسئلن جو ڪوبہ پهلو تشنہ رهجي نہ ويو آهي." (1)

"ڪتاب راحة المؤمنين ۾ زمين ۽ پاڻي ۾ رهندڙ جانورن مان جيڪي شريعت موجب حلال يا حرام آهن، تن جا نالا نشانيون ۽ ٻيا تفصيل ڏنل آهن. ساڳي طرح پکين جو بيان بہ ڏنل آهي." (2)

"اسان جي خيال ۾ انهيءَ مضمون جي سلسلي ۾ هيءُ ڪتاب لاجواب آهي. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪتاب سنڌيءَ ۾ اسان جي نظر کان نہ گذريو آهي." (3)

"هيءُ ڪتاب پنهنجي موضوع تي بلڪل مڪمل ڪتاب آهي. هن ڪتاب جي غور سان مطالعي ڪرڻ بعد عام ۽ خاص مسلمانن کي انشاءَ الله تعاليٰ شڪار ۽ ذبح ڪرڻ جي اعليٰ بصيرت حاصل ٿيندي. هي ڪتاب نہ صرف عوام الناس جي لاءِ، بلڪ علمي دنيا ۽ عالمن لاءِ بہ ڪنزالذخائر يا نعمت غير مترقبہ ثابت ٿيندو." (4)

ان ڪري علمي دنيا ۾ ضرورت هئي، تہ مخدوم نٽويءَ جي اهڙي بهترين معلومات افزا ديني ڄاڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خزاني سان ڀرپور ڪتاب کي سليس سنڌيءَ ۾ آڻي شايع ڪجي، تہ جيئن سنڌ جي نوجوان نسل لاءِ ڪارآمد ٿئي. ان ڪري "راحة المؤمنين" جي ڇپيل ۽ قلمي صفحن جا عڪس شامل آهن ۽ ڪتاب جي آخر ۾ ڏکين جهونن سنڌي لفظن جي معنيٰ جي الف- ب وار پٽي بہ شامل ڪئي وئي، تہ جيئن ان وقت جي سنڌي لکت، حرفن جي بيهڪ ۽ صورتخطيءَ جو اندازو ٿي سگھي.

هينئين منجهه هن حقير جي، وهم اي پيو،
تہ ماٺهو مسئلا ذبح ۽ شڪار جا، پچن گهٽيرو،
ڪ لکجي تني منجهان گهٽو جي ٿورو،
پر عربي آهي اهڪي ابوجهن اپار،

---

(1) ڊاڪٽر مدد علي قادري، "مخدوم محمد هاشم نٽويءَ جون سنڌيءَ ۾ تصنيفات" (مقالو)، تہ ماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو، جنوري- جون 1981ع، جلد 30، شمارو 1 ۽ 2، صفحو 152- 155.

(2) ڊاڪٽر قاضي يارمحمد، "سنڌيءَ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقاء"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1992ع، صفحو 74.

(3) مخدوم محمد هاشم نٽوي، "ڪتاب الصيد والذبائح" مرتب: حافظ عبدالحميد پٽي، ناشر حافظ شمس الدين ائنڈ برادرس سکر، 1970ع، ڇاپو ٽيون، عرض حال ص-1

(4) مخدوم محمد هاشم نٽوي، "ذبح ۽ شڪار"، مرتب: فقير محمد اسماعيل ڪنيار (نٽوي) وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچي، سال پيش لفظ، صفحو 6.

www.maktabah.org

نہ کا پروڙ پارسيءَ جي، نا موزن نبار،
پوءِ نہ اچاٽن کي کا، سنڌيءَ ڏاران سار،
تڏهن سنڌي کيم سهکي، کڌي عربيا،
تہ پڙهيس مؤمن سي کو، سکي مسئلا.

طالب العلم

عبدالرسول قادري
تعلقو سکرند، نوابشاهہ

22- ربيع الثاني 1430 هجري
مطابق 19- اپريل 2009ع

www.maktabah.org

مخدوم محمد هاشم ٹٹويؒ جي زندگيءَ جو احوال

الله تعاليٰ جي ٻاجھ سان سنڌ جي سھٽي سرزمين مان محبت پريا ماڻھو ۽ پرور پاڪ جا ڦُھٽل پيارا ٻانھا پيدا ٿيندا رھيا آھن، جن جي جوت جڳ کي پي جرکايو آھي.

ھن ڪتاب جو مصنف مخدوم محمد ھاشم ٹٹوي سنڌي رحمة الله عليه ٻ سرزمين سنڌ جو مايہ ناز عالم ۽ ناميارو مصنف ٿي گذريو آھي. سندس علمي، ادبي ۽ ديني خدمتون سرسبز سنڌ کان علاوه عرب و عجم ۾ سج جيان روشن آھن. اڄ ٻ سندس نالو علمي ۽ ادبي دنيا ۾ چوڌھينءَ جي چنڊ جيان چمڪي رھيو آھي. سندس علمي ڪتاب دنيا جي مشھور يونيورسٽي "جامعه الازھر" مصر ۾ نصاب طور پڙھايا وڃن ٿا. [1] سندس شاگردن جو حلقو سنڌ سان گڏ بلوچستان، افغانستان، ايران ۽ حجاز مقدس مکي مديني شريف تائين وسيع ھو. [2]

اڄ کان ٻ اڌائي سؤ ورھيہ کن اڳ سرزمين سنڌ جي شان ۽ ساراھ ۾ "مدح نامہ سنڌ" نالي ڪتاب لکي، سنڌ جي مَٹ گھُرن کي لاجواب ڪيائين ۽ سنڌ جو شان سوايو ڪيائين. [3]

جڏھن سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي ڪتابن جي مستقل ابتدا ۽ سنڌي الف- ب جي ارتقا جاري ھئي تہ مخدوم صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊزن کان وڌيڪ ڪتاب لکي، سنڌي ٻوليءَ کي مالامال ڪيو ۽ اھل سنڌ تي احسان ڪيو.

مخدوم صاحب جي ذات گرامي کنھن ٻ تعارف جي محتاج نہ آھي. سندس علمي عظمت جو اعتراف نہ رڳو گڏيل ھندستان جي علمي طبقي کي آھي، پر سڄي عالم اسلام ۾ ڪيس سنڌ جو وڏو محدث ۽ فقيه سڏيو وڃي ٿو. مخدوم صاحب پنھنجي دور ۾ تصنيف، تدريس، تبليغ ۽ رشد و ھدايت جي ذريعي اسلام ۽ مسلمانن جي جيڪا خدمت ڪئي ۽ بچڙين بدعتن خلاف جھاد جو جھنڊو بلند ڪيو، تنھن کي ڏسندي سنڌ ۾ 12 صدي ھجريءَ جو ڪيس "مجدد" سڏجي تہ بجاء آھي. [4]

خانداني احوال:

مخدوم صاحب جا وڏا اصل ۾ سنڌ جي قديم شھر سيوھڻ جا رھاڪو ھئا، پر قسمت سانگي مخدوم صاحب جو والد لاڙ طرف لڏي اچي ٻنوري ۾ رھيو. جتي مخدوم صاحب جائو، نپنو پڙھيو وڏو ٿيو. اڳتي ھلي ٹٹي ۾ وڌيڪ اسريو، نسريو پڙھيو پرجھيو پروڙيو، پڇي پختو ٿيو ۽ رڇي رينٽو ٿيو. لاڙ جو لال ٿي ايريو ۽ فيض عام ڏيڻ لڳو.

---

(1) عبدالجبار جوٹيجو (ڈاڪٽر)، "سنڌيون" اداره سنڌيات سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، 1970ع، ص 61.

(2) راوي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊائريڪٽر شاھ ولي الله اڪيڈمي، حيدرآباد

(3) مخدوم محمد ھاشم ٹٹويؒ، "مدح نامہ سنڌ"، فارسي قلمي ص 1- 40.

(4) غلام مصطفيٰ قاسمي، "مخدوم محمد ھاشم ٹٹويءَ جو وصيت نامو"، ماھوار نئين زندگي، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، آڪٽوبر، 1959ع، جلد_12، نمبر 10، ص 19.

www.maktabah.org

مخدوم صاحب جو نالو محمد هاشم، پيءُ جو نالو عبدالغفور ۽ ذات جو پهنور هو. پهنور حضرت حارث جو اولاد آهن.[1] پر پاڻ پرپور علمي ۽ ديني خدمتن جي ڪري "مخدوم" سڏجڻ لڳو. سندس نسب جو سلسلو هن ريت آهي:

"محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمٰن بن عبداللطيف بن عبدالرحمٰن بن خيرالدين السندي البتورائي ثم البهرامپوري ثم اللتتوي."[2]

ولادت ۽ تعليم:

مخدوم صاحب جي ولادت تاريخ 10- ربيع الاول 1104 هجري، 19- نومبر 1692ع تي لاڙ پٽ بنوري ۾ ٿي. پاڻ ابتدائي علم فارسي، عربي صرف نحو پنهنجي والد عبدالغفور وٽان پرايائين. ان کان پوءِ ٺٽي شهر ۾ مخدوم محمد سعيد وٽ وچون درسي نصاب پڙهيو. آخر ۾ مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويءَ وٽ مڪمل نصاب پڙهي پورو ڪيو.[3] ان دوران مخدوم صاحب جو والد عبدالغفور بنوري ۾ سنه 1113 هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو. ان ڪري مخدوم صاحب ٺٽي مان واپس پنهنجي شهر بنوري ۽ بعد ۾ ان جي ويجهو بهرامپور ڳوٺ ۾ ديني تعليم پڙهائڻ جي شروعات ڪئي. غالباً اتي حالتون ناسازگار رهيون، تنهنڪري هن وڏي عالم ۽ استاد کي ٺٽي جهڙي مرڪزي شهر ۾ مدرسو کولڻ موزون لڳو، جوته ٺٽو نه رڳو اڳ ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو، پر علمي دنيا ۾ "عراق ثاني" جي حيثيت رکندو هو.[4] مخدوم صاحب ٺٽي ۾ رهي دين متين جي خدمت ڪرڻ ۽ عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ تعليم جو في سبيل الله سلسلو جاري ڪيو.

سفر حرمين ۽ طريقت جو سلسلو:

جڏهن مخدوم صاحب جي عمر 31 ورهيه ٿي ته سنه 1135 هجريءَ ۾ حرمين شريفين جي زيارت واسطي حجاز مقدس روانو ٿيو. اتي به وقت جي برڪ محدثن شيخ عبدالقادر مفتي مڪه مڪرمه، شيخ عبد بن علي مصري ۽ شيخ ابوطاهر مدني جهڙن مشهور استادن کان علم حديث ۽ تفسير ۾ سندون حاصل ڪيائين.

حرمين شريفين جي سفر کان واپسيءَ ۾ مشهور صوفي بزرگ سيد سعدالله قادري سورت بندر واري وٽ قادري سلسلي ۾ بيعت ڪري، خلافت جو خرقو ڏڪي، سنه 1137 هجريءَ ۾ پنهنجي ماڳ ٺٽي موٽي آيو.[5]

---

(1) مير علي شير قانع ٺٽوي، "معيار سالكان طريقت"، فارسي قلمي، ص 203.

(2) مير علي شير قانع ٺٽوي، "تذكره مقالات الشعراء" فارسي، مرتب سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1957ع، حاشيه 841

(3) خانبهادر محمد صديق ميمڻ، "سنڌ جي ادبي تاريخ"، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، 1965ع، چاپو اڻون، ص 74.

(4) شيخ فريد بكري، "ذخيرة الخوانين" فارسي، پاكستان هسٽاريكل سوسائٽي، ڪراچي، 1970ع، جلد_2، ص 31.

(5) مخدوم محمد هاشر ٺٽوي، "بذل القوة في حوادث سني النبوة" عربي، مرتب: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1966ع، مقدمو، ص 7-9.

www.maktabah.org

ديني خدمتون:

مخدوم صاحب سفر حرمين ۽ قادري سلسلي ۾ خلافت کان بعد رات ڏينهن درس تدريس، ذکر اذکار ۽ تصنيف و تاليف ڏانهن متوجه ٿيو. وقت جي عالمن جي کتابن جو تحقيقي مطالعو، وقت جي حڪمرانن کي دين جي نصيحت، شرعي پابندي ۽ نفاذ شريعت لاءِ پرپور کوششون کرڻ لڳو. نادرشاهه بادشاهه ۽ احمد شاهه ابدالي ۽ کي سندن ظلم ۽ استبداد خلاف خط موکليائين. [1]

ان ڏس ۾ سعيي سان ميان غلام شاهه کلهوڙي والي سنڌ کان سنه 1172 هجري ۾ شريعت جي پابنديءَ بابت شاهي فرمان جاري کرائي، عملي زندگيءَ تي زور ڏياريائين. [2] سندس اهو هڪ ئي کارنامو سونهري حرفن ۾ لکڻ جهڙو آهي. وقت جي ڪن همعصر عالمن ۽ ٻين ماڻهن سندس مخالفت ڪئي، پر هي مرد مجاهد، شريعت جو خادم ۽ عاشق رسول ﷺ همه وقت سرتاپا شريعت پاڪ جي نفاذ، ديني خدمتن، درس ۽ تصنيف، قال الله ۽ قال رسول الله ﷺ جي شغل ۾ مصروف رهيو. مخدوم صاحب قاضي القضاة جي حيثيت ۾ فتويٰ نويسي ۽ شرعي فيصلا ب ڪندو رهيو. هر روز ٽيپهري نماز بعد پنهنجي مدرسي واري هاشمي مسجد ۾ حديث نبويءَ جو درس ڏيندو هو، ۽ هر جمعي جي ڏينهن جامع خسرو (دابگران واري مسجد) ۾ وعظ ڪندو ۽ جمعي جي نماز پڙهائيندو رهيو. اهڙي ريت سندس زندگيءَ جو ٽائيم مقرر هو. سندس 24 ڪلاڪ ڪمن لاءِ وراهيل هوندا هئا. [3]

سنت جماعت جي مذهب جي تقويت ۽ دين متين جي رسمن زنده کرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جي ڏينهن ۾ سندس کوشش سان اهڙا وڏا ڪم سرانجام ٿيندا هئا، جيڪي سچي دين جي تائيد جو ڪارڻ هوندا هئا. مشرڪن ۽ دين جي دشمنن تي سندس عمل چگيءَ طرح جاري هو. سندس وقت ۾ سوين ذمي ڪافر مسلمان ٿيا. [1]

مدرسو ۽ شاگرد:

مخدوم صاحب جو مدرسو "دارالعلوم هاشميه" [5] وچ شهر اگر محلي ۾ هو. سندس شاگردن جو حلقو تمام وسيع هو؛ جي مخدوم صاحب علم جو چنڊ هو تہ، سندس شاگرد ب علمي آسمان جا چمڪندڙ ستارا هئا. سندس چند مشهور شاگردن جا نالا هي آهن: مخدوم عبدالرحمٰن، مخدوم عبداللطيف، مخدوم عبدالله نرئي وارو، مخدوم عبدالخالق ٺٽوي، ابوالحسن صغير ٺٽوي مدني، فقيرالله علوي شڪارپوري، ميون عزت الله ڪيريو

---

(1) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، "بناء الاسلام" سنڌي، مرتب: فقير محمد اسماعيل ڪنيار، وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچي، 1975ع، چاپو ٻيو، مقدمو، ص 38.

(2) روزانہ "الوحيد" سنڌ آزاد نمبر، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، 1979ع، چاپو ٻيو ص 32.

(3) ايضا ص 33

(4) مير علي شير قانع ٺٽوي، "تاريخ تحفة الڪرام" فارسي، مطبع ناصري، جلد 3، ص 230.

(5) ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر، "سنڌ جا اسلامي درسگاهہ" سردار پريس حيدرآباد، 1982ع، ص 238.

www.maktabah.org

چوٽياروي، شيخ الاسلام مراد سيوهاڻي، سيد شهمير شاهه مٽياروي، مخدوم مئيڏنو نصرپوري، سيد صالح شاهه گهوٽڪيءَ وارو ۽ نورمحمد خسته ٽکڙائي.

تصنيف ۽ تاليف:

مخدوم صاحب قلم و قرطاس جو صاحب ۽ وڏو مصنف هو. سندس لکيل هزارين تحريرون ۽ سادا ٽي سؤ کن ڪتاب يادگار ڇڏيائين.[1] هر مسئلي تي سندس تحريرون موجود آهن. سندس ڪتابن مان تفسير هاشمي، بياض هاشمي، حيات القاري باطراف البخاري، مظهر الانوار، فاکهه البستان، قوت العاشقين ۽ فرائض الاسلام علمي دنيا ۾ مشهور ڪتاب آهن. مخدوم صاحب جي ڪيترن عربي، فارسي ۽ سنڌي ڪتابن کي ايڊٽ ڪري، محققن پي ايچ. ڊي جون ڊگريون حاصل ڪيون آهن. تکملہ مقالات الشعراء ۾ مخدوم صاحب جي ڪرامتن جو ڪافي ذڪر آيل آهي.[2]

ڪتب خانو:

مخدوم صاحب فڪر ۽ فهم، علم ۽ عمل، مطالعي ۽ ڪتابي دنيا جو عاشق هو. وٽس تفسير، حديث، فقه، تصوف، تاريخ ۽ لغت وغيره هر فن تي وڏا وڏا ڪتاب موجود هئا. سندس جي عالمن جا اڪثر سنڌي ڪتاب به محفوظ هئا. مخدوم صاحب پنهنجي تصنيفات مظهر الانوار ۽ فاکهه البستان ۾ به حوالي طور آيل سون ڪتابن جا نالا فهرست وار آندا آهن.[3] "بياض هاشمي" ۾ گويا مخدوم صاحب ڪتابي حوالن ۾ علم جو خزانو پلٽيو آهي.[4] مخدوم صاحب جي هڪ تحرير مان معلوم ٿئي ٿو ته، پاڻ چار هزار ڪتاب پڙهي، هي نتيجو ڪڍيو اٿن. لکن ٿا:

> "چار هزار ڪتاب پڙهيم، انهن مان چار ڳالهيون پسند ڪيم: هڪ هيءَ ته اي منهنجا نفس! خدا تعاليٰ جي عبادت ڪرين ته ڪر، نه ته ان جو رزق نه کاءُ.
>
> بي هيءَ ته اي منهنجا نفس! جنهن کان خدا تعاليٰ روڪ ڪئي آهي، ان کان پاسو ڪر، نه ته ان جي ملڪ مان نڪري وڃ.
>
> ٽئين هيءَ ته اي منهنجا نفس! جيڪي ازلي قسمت کان توکي پهچي، ان تي صبر ڪر، نه ته ڪو ٻيو خدا ڳول، جيڪو توکي روزي وڏائي ڏئي.
>
> چوٽين ڳالهه هيءَ ته اي منهنجا نفس! جي گناه جو خيال ڪرين ته کا اهڙي جاءِ تلاش ڪر، جتي توکي خدا نه ڏسي، نه ته گناه نه ڪر!"[5]

---

(1) غلام رسول مهر، "تاريخ کلهوڑا" سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1958ع، جلد 2، ص 993.

(2) مخدوم محمد ابراهيم خليل، "تکملہ مقالات الشعراء" فارسي، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1958ع، ص 43.

(3) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، "مظهرالانوار" عربي قلمي- فاکهه البستان عربي.

(4) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "بياض هاشمي" قلمي.

(5) غلام مصطفيٰ قاسمي، "منهنجي علمي ڊائري"، سہ ماهي الرحيم سنڌي، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، 1966ع نمبر 3، ص 27_28.

www.maktabah.org

شعر و شاعري:

مخدوم صاحب عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين جو وڏو شاعر هو، پر سندس شاعريءَ جو محور الله جي رسول جو اهجاڻ ۽ شريعت جي سجاڻ سمايل آهي. الله تعالىٰ کيس پنهنجي ديني خدمتن ۾ ايترو مشغول رکيو جو کيس سڄي عمر ڪنهن دنيادار بابت شعر چوڻ جي نوبت ئي ڪانہ آئي. سندس عربي شاعريءَ ۾ ثمانيہ قصائد در مدح نبي ﷺ ۽ قوت العاشقين ۾ آيل عربي شعر مشهور آهن. سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان سندس سمورا سنڌي ڪتاب منظوم اڳوٽي سنڌيءَ ۾ آهن ۽ سندن فارسي شاعري مقالات الشعراء، مدح نامہ سنڌ ۽ رسالي رشف الزلال ۾ موجود آهي.

عشق رسول:

مخدوم صاحب عالم باعمل، گفتار ۽ ڪردار جو صاحب ۽ عاشق رسول ﷺ هو. سندس هرهڪ عمل الله ۽ سندس رسول الله ﷺ جو مظهر هو. سندس عربي، فارسي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ نبي ڪريم ﷺ جو عشق ڪوٽان ڪوٽ پريل آهي. مخدوم صاحب سڄي سردار کي سڪ مان صدائون ۽ پياري پيغمبر کي پرت مان پڪارون ڪيون آهن.

سنڌ ۾ مخدوم صاحب جي عشق رسول بابت هي واقعو هر ننڍي وڏي جي زبان تي عام آهي تہ مخدوم صاحب جڏهن حرمين شريفين جي سفر دوران ديار حبيب مديني منوره ۾ رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني ۽ سڪ مان سلام پڙهيو تہ روضي مبارڪ مان حيات النبي ﷺ طرفان کيس سلام جو جواب مليو ۽ ائين ڪيڪاريو ويو تہ "ڀلي آئين محمد هاشم ڏٺي وارا" چو تہ حرم نبوي ﷺ ۾ محمد هاشم نالي وارا ٻيا ماڻهو بہ حاضر هئا.[1]

مولوي دين محمد وفائي هن روايت جي باري ۾ تصديق ڪندي لکيو آهي، تہ مخدوم صاحب کي مديني منوره جي رهڻ واري زماني ۾ جمعي رات 9 رجب 1136 هجريءَ ۾، حضور ﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. جنهن جو ذڪر (مخدوم صاحب) پنهنجي بعض تصانيف جي حاشيہ ۾ ڪيو آهي ۽ پنهنجي دستخط سان اها يادداشت لکي ڇڏي آهي.[2] جيتوڻيڪ هن واقعي جو احوال تحفة الڪرام يا ٻئي ڪنهن همعصر تاريخي ڪتاب ۾ ڪونہ ٿو ملي، پر هي واقعو ايتريقدر مشهور تواتر جي حد کي پهتل آهي، جو ان جو انڪار بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. سنڌ ۾ اهو پليڪار وارو واقعو مخدوم صاحب جي علمي عظمت ۽ عشق رسول ﷺ بابت مثال طور ڏنو ويندو آهي ۽ سالن کان سنڌ ۾ سيني بہ سيني هلندو آيو آهي.

وفات، مدفن ۽ اولاد:

مخدوم صاحب ستر سالن تائين دين مبين جي عملي خدمت ڪندو رهيو. سندس وفات تاريخ 6- رجب 1174 هجري (9 فيبروري 1761ع) ۾ ڏٺي شهر ۾ ٽي. ڏٺي لڳ مڪلي

---

(1) مخدوم محمد عاقل عرف پير محمد ڪهڙائي، "قصص اولياء سنڌ" سنڌي قلمي، ص 124.

(2) مولوي دين محمد وفائي، "تذڪره مشاهير سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1985ع، جلد2، ص 255.

www.maktabah.org

ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو. سندس مزار اڄ بہ اهل دل لاءِ زيارت گاهہ ۽ دلي سڪون جو ذريعو آهي. [1] سندس وفات تي ڪيترن نامياران شاعرن دلسوز تاريخي شعر چيا آهن. هيٺين ست ٽن مان وفات جو سن نڪري ٿو:

محمد رحيم ٺٽوي: در جوار مصطفيٰ ماوي يافت.

1174 هـ

غلام علي بيگ ٺٽوي: طائر قدس بفردوس محمد هاشم

محمد پناهہ رجا ٺٽوي: بهشتش داد ايزد منزل جاه

محمد تفيع ٺٽوي: گل شد مشعل دين رسول ﷺ

محمد حسين ٺٽوي جعل الله جنة مثواه. [2]

